SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# SINDH ACT NO.II OF 2014

# The Sindh Emergency Procurement Act, 2014

2014ع وارو سنڌ ايڪٽ نمبرII.

# هنگامي طور تي شيون خريد ڪرڻ بابت سنڌ ايڪٽ 2014

(Contents) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعئات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ لاڳو ٿيڻ
(Short title and commencement)

2. وصفون
(Definitions)

3. هنگامي طور تي خريداري
(Emergency Procurement)

4. شيون جيڪي هنگامي طور تي خريد ڪيون وينديون
(Items to be procured in an emergency)

# SINDH ACT NO.II OF 2014

# The Sindh Emergency Procurement Act, 2014

سنڌ ايڪٽ نمبر II وارو 2014ع

# هنگامي طور تي شيون خريد ڪرڻ بابت سنڌ ايڪٽ 2014

[26 فيبروري 2014]

ايڪٽ، جنهن ذريعي سنڌ ۾ قانون لاڳو ڪندڙ اداري لاءِ هنگامي طور شيون حاصل ڪرڻ جي گنجائش ڪيدي ويندي.

تمهيد (Preamble)

سنڌ صوبي ۾ سوچيل سمجهيل حملن (Target attacks) ۽ قانون لاڳو ڪندڙ اداري خواهہ عوام کي درپيش خطرن (Threats) جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانين ۽ ملڪيتن کي ڇيهو رسيو آهي، جنهن ۾ قانون لاڳو ڪندڙ اداري جا جوان بہ اچي وچن ٿا، انهيءَ صورتحال جي تقاضا آهي تہ قانون لاڳو ڪندڙ اداري لاءِ هنگامي طور شين حاصل ڪرڻ جي گنجائش پيدا ڪئي وڃي.

ان ڪري ايڪٽ کي هن ريت لاڳو ٿو ڪجي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1). هن ايڪٽ کي سنڌ ۾ **ايمرجنسي پروڪيرمينٽ ايڪٽ،** 2014 (The Sindh Emergency Procurement Act, 2014) سڏيو ويندو.

(2) هن ايڪٽ جو دائره عمل سنڌ صوبو هوندو..

(3) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو ۽ ان جي مدت لاڳو ٿيڻ واري تاريخ کان هڪ سال لاءِ هوندي.

**وصفون**
**Definitions**

2. هن ايڪٽ ۾، سواءِ ان جي تہ ڪا ڳالهہ ان جي مضمون جي حوالي سئن منحرف نہ هجي، ڪن لفظن جون وصفون هن ريت ورتيون وينديون.

(الف) "هنگامي خريداري" (emergency procurement) جو مطلب آهي جيڪو ڪجهہ قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي عملي ۽ صوبي جي عوام جي بچاءَ ۽ حفاظت لاءِ ترت بنيادن تي حاصل ڪيو وڃي.

(ب) "قانون لاڳو ڪندڙ ادارو" (Law enforcement agency) جو مطلب آهي سنڌ پوليس، سنڌ جي جيلن واري پوليس (Sindh Prisons Police)، پاڪستان رينجرس(Pakistan Rangers) ۽ فرنٽيئر ڪانسٽيبلري (Frontier Constabulary) جنهن کي سنڌ ۾ مقرر ڪيو وڃي.

**هنگامي طور تي خريد ڪرڻ**
**Emergency Procurement**

3. قانون لاڳو ڪندڙ ادارو (Law enforcement agency) ترت بنيئدن تي هنگامي طور تي ڪي شيون وٺي سگهي ٿو. انهيءَ باوجود جو ڪا ڳالهہ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيولرٽي اٿارٽي (Sindh Public Procurement Regulatory Authority Act, 2009) يا ان طرفان جوڙيل قاعدن يا هن وقت لاڳو ڪنهن قانون ۾ شين وٺڻ جو طريقو ٻڌايو ويو هجي.

**شيون جيڪي هنگامي طور تي خريد ڪيون وينديون**
**Items to be procured in an emergency.**

4. هنگامي بنيادن تي جيڪي شيون خريد ڪيون وينديون، ۽ جيڪي قانون لاڳو ڪندڙ اداري جي عملي ۽ سنڌ صوبي جي عوام جي تحفظ ۽ بچاءَ لاءِ هونديون، جهڙوڪ مسلح عملي لاءِ بم سبب ٿيندڙ نقصان کان بچاءَ واريون گاڏيون (Armored personnel carrier bomb proof)، گولين کان بچاءَ واريون جئڪيٽس(Bullet proof jackets) ، گولين کان بچاءَ وارا لوها ٽوپلا (Bullet proof helmets)، گولين کان بچاءَ واريون گاڏيون (Bullet proof vehicles) سموري قسم جو اسلحو ۽ بارود ۽ ٻيو لاڳاپيل سامان.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**